(حنفي)

# قضا نمازن جو طريقو

فجر

ظهر

عصر

مغرب

عشاء

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا ابوبلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دامت بركاتهم العاليه

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي درودِ پاڪ نہ پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو-** (ابن سني)

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| درود شريف جي فضيلت | 1 | قضا عُمري جو طريقو (حنفي) | 13 |
| جهنم جي خوفناڪ وادي | 2 | قَصر نَمازِ جي قَضا | 14 |
| گرمي سبب جبل پگهرجي ويندا | 2 | مُرتَد ٿي وڃڻ واري زماني جون نمازون | 14 |
| مٿو چِٿڻ جي سزا | 2 | ٻار جي پيدائش جي وقت نماز | 14 |
| هزارين سالن جي عذاب جو حقدار | 3 | مريض کي نماز ڪڏهن معاف آهي ؟ | 15 |
| قَبر ۾ باهہ جا شُعلا | 4 | سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهڻ | 15 |
| جيڪڏهن نماز پڙهڻ وسري وڃي تہ..؟ | 5 | ”قضا“ جو لفظ چوڻ وسري وڃي تہ ؟ | 15 |
| اتفاقاً اک نہ کلي تہ...؟ | 5 | قضا نمازون نفل ادا ڪرڻ ڪان بهتر | 16 |
| مجبوري ۾ ادا جو ثواب ملندو يا نہ ؟ | 5 | فَجُر ۽ عَصَر ڪان پوءِ نفل نہ ٿا پڙهي سگهجن | 16 |
| رات جي آخري حصّي ۾ سمهڻ ڪيئن آهي؟ | 6 | ظهر جون چار سنتون رهجي وڃن تہ ڇا ڪري؟ | 17 |
| رات دير تائين جاڳڻ | 6 | فجر جون سنتون رهجي وڃن تہ ڇا ڪجي؟ | 17 |
| اَدا، قَضا ۽ واجبُ الاِعَادَه جي وضاحت | 7 | ڇا مغرب جو وقت ٿورو هوندو آهي ؟ | 17 |
| توبهہ جا ٽي رڪن آهن | 8 | تراويح جي قضا جو ڇا حُڪم آهي ؟ | 18 |
| سُتل کي نماز جي لاءِ جاڳائڻ واجب آهي | 8 | نماز جو فديو | 19 |
| فجر جو وقت ٿي ويو اٿو ! | 9 | مرحوم جي فديي جو هڪ مسئلو | 21 |
| حڪايت | 9 | سادات ڪرام کي نماز جو فديو نہ ٿو ڏئي سگهجي | 21 |
| حُقُوق عامہ جي اِحساس بابت حِڪايت | 11 | 100 ڪوڙن جو حِيلو | 22 |
| جلد ڪان جلد قضا پڙهي ڇڏيو | 11 | ڪن ٿوپڻ جو رواج ڪڏهن ڪان پيو؟ | 23 |
| قضا نماز لِڪي پڙهو | 12 | ڳئون جي گوشت جو تحفو | 23 |
| جُمعةَ الوَداع ۾ قضا عُمري | 12 | زڪوٰة جو شرعي حِيلو | 24 |
| سڄي عمر جي قضا جو حساب | 12 | فقير ڇا کي چوندا آهن؟ | 25 |
| قَضا پڙهڻ ۾ ترتيب | 13 | مسڪين ڇا کي چوندا آهن؟ | 25 |


## يَا عَلِيْمُ

**21** پيرا (اول آخر هڪ دفعو درود شريف) پڙهي پاڻي تي دم ڪري **40** ڏينهن تائين نيراني پيو (يا پياريو) اِنْ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ (پيئڻ واري جو) حافظو مضبوط ٿي ويندو. (شجره عاليہ قادريہ رضويہ ضيائيہ عطاريہ ص 46)

# قضا نمازن جو طريقو (حنفي)

هي رسالو ”قضا نمازوں کا طریقہ(حنفی)“ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي **حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال مُحَمّد الياس عَطار قَادِري رَضَوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو اردو زبان ۾ شايع ٿيل آهي.

مجلسِ تراجِم (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته مجلسِ تراجم کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**پيشڪش: مجلسِ تراجم (دعوتِ اسلامي)**


**رابطي جي لاءِ:**

**مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز**
**فيضانِ مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 1262

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# قضا نمازن جو طريقو (حنفي)

شيطان ڪيتري بہ سستي ڏياري، هي رسالو مڪمل پڙهي وٺو،
اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ ان جون برڪتون توهان پاڻ ڏسي وٺندؤ.

## دُرُود شريف جي فضيلت

ٻنهي جهانن جي سُلطان، سَروَر ذِيشان، مَحبُوبِ رحمٰن صَلَّی اللّٰہ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو فرمان مَغفِرَت نشان آهي: مون تي دُرُود شريف پڙهڻ پُلصِراط تي نور آهي، جيڪو جُمعي جي ڏينهن مون تي 80 ڀيرا دُرُود شريف پڙهندو، ان جا 80 سالن جا گناه معاف ٿي ويندا. (الفردوس بماثور الخطاب ج 2 ص 408 حديث 3814)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

ٽيهين سيپاري سورة الماعون جي آيت نمبر 4 ۽ 5 ۾ ارشاد آهي:

فَوَیْلٌ لِّلْمُصَلِّیْنَ ۙ﴿۴﴾ الَّذِیْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۙ﴿۵﴾

**ترجموڪنزالايمان:** تہ انهن نمازين جي خرابي آهي جيڪي پنهنجي نمازن ڪي وساري ويٺا آهن.

مُفسّرِ شهير، حڪيمُ الاُمّت، حضرت مفتي احمد يار خان عَلَیۡہِ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ الۡحَنَّان سورةُ الماعون جي آيت نمبر 5 جي تحت فرمائن ٿا: نماز

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعاليٰ ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

وسارڻ جون ڪجهه صورتون آهن: ڪڏهن نہ پڙهڻ، **پابندي سان نہ پڙهڻ**، صحيح وقت تي نہ پڙهڻ، نماز صحيح طريقي سان ادا نہ ڪرڻ، شوق سان نہ پڙهڻ، سمجهي ادا نہ ڪرڻ، سُستي سان پڙهڻ، لاپرواهي سان پڙهڻ. (نورالعرفان ص 958)

## جهنم جي خوفناڪ وادي

صَدرُالشَّريعہ، بَدرُالطّريقہ، حضرت مولانا محمّد امجد علي اعظمي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: ”جهنّم ۾ **وَيل** نالي هڪ خطرناڪ وادي آهي جنهن جي سختي کان خود جهنّم بہ پناهہ گهرندو آهي، جاٽي واٽي نماز **قضا** ڪرڻ وارا ان جا حقدار آهن.“ (بهارشريعت ج 1 ص 347)

## گرمي سبب جبل پگهرجي ويندا

**حضرتِ سَيِّدُنا امام محمد بن احمد ذهَبي** عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡقَوِی فرمائن ٿا: ڇيو ويو آهي تہ جهنّم ۾ هڪ **وادي** آهي جنهن جو نالو ”**وَيل**“ آهي، جيڪڏهن ان ۾ دنيا جا **جبل** بہ وڌا وڃن تہ اهي بہ ان جي **گرمي** سبب پگهرجي ويندا ۽ اها انهن ماڻهن جو ٺڪاڻو آهي جيڪي نماز ۾ سُستي ڪندا آهن ۽ وقت ڪانپوءِ **قضا** ڪري پڙهندا آهن پر (اهي محفوظ رهندا) جيڪي پنهنجي ڪوتاهي تي شرمسار ٿين ۽ ربّ تعاليٰ جي بارگاهہ ۾ توبهہ ڪن.“ (ڪتاب الڪبائر ص 19)

## مٿو چِٿڻ جي سزا

**سرڪارِ** مدينہ منوّره، سردار مڪّہ مُڪَرَّمہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن صحابہ ڪرام** عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان کي فرمايو: اڄ رات بہ شخص (يعني

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي . (جامع صغير)**

جبريل ۽ ميڪائيل عَلَيْهِمَا السَّلَام مون وٽ آيا ۽ مون کي مُقَدَّس سر زمين ڏانهن وٺي آيا، مون ڏٺو ته **هڪ شخص ليٽيل آهي** ۽ ان جي سيراندي کان هڪ شخص پٿر کنيو بيٺو آهي ۽ لڳاتار پٿر سان ان جو مٿو چِٿي رهيو آهي، هر ڀيري چِٿجڻ کان پوءِ (سندس) مٿو وري صحيح ٿي پيو وڃي. مون فِرشتن کان پڇيو:

**سُبحٰن الله!** اهو ڪير آهي؟ انهن عرض ڪيو: اڳتي تشريف وٺي هلو (وڌيڪ مَنظر ڏيکارڻ کان پوءِ) فِرشتن عرض ڪيو: پهريون شخص جيڪو اوهان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏٺو، **هي اهو هو، جنهن قرآن پڙهيو پوءِ ان کي ڇڏي ڏنو هو ۽ فرض نمازن جي وقت سمهي پوندو هو، ان سان هي سُلوڪ قِيامت تائين ٿيندو.**

(صحيح بخاري ج 1، 4 ص 468، 425، حديث 1386، 7047)

## هزارين سالن جي عذاب جو حقدار

**منهنجا آقا،** اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت، مجدّدِ دين و ملت، مولانا شاھ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاوٰي رضويه جلد 9 صفحي 158 کان وٺي 159 تي فرمائن ٿا: جنهن ڄاڻي واڻي هڪ وقت جي (نماز) ڇڏي، **هزارين سال جهنّم** ۾ رهڻ جو مستحق ٿيندو، جيستائين توبهه نه ڪري ۽ ان جي قضا نه ڪري. مسلمان جيڪڏهن ان جي زندگي ۾ ان کي بلڪل ڇڏي ڏين ان سان نه ڳالهائين، ان جي ويجهو نه ويهن، ته ضرور اهو ان جو حقدار آهي.

الله تعالٰي ارشاد فرمائي ٿو.

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **مون تي درود شريف پڙهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو-** **(ابن عدي)**

وَ اِمَّا یُنْسِیَنَّكَ الشَّیْطٰنُ فَلَا تَقْعُدْ بَعْدَ الذِّكْرٰى مَعَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِیْنَ۝۶۸ (پ 7 الانعام 68)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ جيڪڏهن ڪٿي شيطان توکي وسارائي تہ ياد اچڻ تي ظالمن سان گڏ نہ ويهہ.

## قَبر ۾ باهہ جا شُعلا

**هڪ** شخص جي ڀيڻ فوت ٿي وئي. جڏهن ان کي دفن ڪري واپس موٽيو تہ کيس ياد آيو تہ پيسن واري ٿيلهي **قبر** ۾ ڪري پئي آهي، هن قبرستان اچي ٿيلهي ڪڍڻ لاءِ پنهنجي ڀيڻ جي قبر کوٽي ورتي! **هڪ هانءُ ڏاريندڙ مَنظر ان جي سامهون هو، ان ڏٺو تہ ڀيڻ جي قبر ۾ باهہ جا شُعلا ڀڙڪي رهيا آهن!** هُن جيئن تيئن قبر تي مٽي وڌي ۽ صدمي ۾ روئندو ماءُ وٽ آيو ۽ (پنهنجي ماءُ کان) اچي پڇڻ لڳو تہ پياري امڙ! منهنجي ڀيڻ جا **عمل** ڪهڙا هئا؟ ماءُ چيس تہ پُٽ! مون کان ان جي عملن بابت ڇو ٿو پڇين؟ چيائين: "مون پنهنجي ڀيڻ جي قبر ۾ **باهہ جا شُعلا** ڀڙڪندي ڏٺا آهن." اهو ٻڌي ماءُ بہ روئڻ لڳي ۽ چيائين: "افسوس تنهنجي ڀيڻ نماز ۾ سُستي ڪندي هئي ۽ **نَماز قضا** ڪري پڙهندي هئي."

(ڪتاب الڪبائر ص 26)

**مَدَني منّا اسلامي ڀائرو!** جڏهن قضا ڪرڻ وارن لاءِ اهڙيون اهڙيون سخت سزائون آهن تہ جيڪي بدنصيب نماز ئي نہ ٿا پڙهن انهن جو ڇا انجام ٿيندو!

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهه ڀيرا درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي سؤ رحمتون نازل فرمائي ٿو- (طبراني)

## جيڪڏهن نماز پڙهڻ وسري وڃي ته...؟

تاجدارِ رسالت، شهنشاهه نُبُوَّت، پيڪرِ جُود و سَخاوت، سراپا رَحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن جي نماز ننڊ سبب نڪري وڃي يا (پڙهڻ) وساري ويهي ته جڏهن ياد اچي، پڙهي ڇڏي ڇو ته اهو ئي ان جو وقت آهي. (صحيح مسلم ص 346 حديث 684)

فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام فرمائن ٿا: "سمهڻ سبب يا وسري وڃڻ سبب نماز قضا ٿي ته ان جي قضا پڙهڻ فرض آهي البت قضا جو گناهه ان تي ناهي پر جاڳڻ يا ياد اچڻ تي جيڪڏهن وقت مڪروهه نه هجي ته انهيءَ وقت پڙهي ڇڏي، دير ڪرڻ مڪروهه آهي." (بهار شريعت ج 1 ص 701)

## اتفاقاً اک نه کلي ته...؟

فتاوٰي رضويه ۾ آهي: ۞ جڏهن خبر آهي ته هاڻي سمهندس ته نماز نڪري ويندي ته ان وقت سمهڻ حلال (يعني درست) ناهي پر جڏهن ته ڪنهن جاڳائڻ واري تي اعتماد هجي ۞ اهڙي وقت ۾ سمهڻ جو عادةً وقت تي اک کلي ويندي آهي ۽ اتفاقي طور اک نه کلي ته گنهگار نه آهي. (فوائد جليله فتاوٰي رضويه ج 4 ص 698)

## مجبوري ۾ ادا جو ثواب ملندو يا نه؟

اک نه کلڻ جي صورت ۾ فجر جي نماز "قضا" ٿي وڃڻ جي صورت ۾ "ادا" جو ثواب ملندو يا نه؟ ان ضِمن ۾ منهنجا آقا اعلٰحضرت، امام اهلسنّت، وليِّ نعمت، عظيمُ البَرڪت، عظيم المَرتبت، پروانهٔ شمعِ رِسالت، مُجَدِّدِ دين ۽ مِلت، حامي سنّت،

ماحي بِدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعث خيرو برڪت حضرت علامه مولانا الحاج الحافظ القاري الشاهه امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فتاوٰي رضويه ج 8 ص 161 تي فرمائن ٿا: ”رهيو ادا جو ثواب ملڻ، اهو الله عَزَّوَجَلَّ جي اختيار ۾ آهي. جيڪڏهن اهو ڄاڻي ٿو ته ان پنهنجي طرفان ڪا ڪوتاهي ناهي ڪئي، صبح تائين جاڳڻ جي ارادي سان وينو هو ۽ اوچتو ننڊ اچي وئي ته ان تي (ضرور) ڪو گناهه ناهي. رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ٿا: ننڊ (اچڻ) جي صورت ۾ ڪوتاهي ناهي، ڪوتاهي ان شخص جي آهي، جنهن (بيداري ۾) نماز نه پڙهي، ايستائين جو ٻي نماز جو وقت اچي وڃي.

(صحيح مسلم ص 344 حديث 681)

## رات جي آخري حصّي ۾ سمهڻ ڪيئن آهي؟

**نماز** جو وقت داخل ٿيڻ ڪان بعد سمهي پيو پوءِ وقت نڪري ويو ۽ نماز قضا ٿي وئي ته بلڪل گنهگار ٿيو جڏهن ته جاڳڻ تي صحيح اِعتِماد يا جاڳائڻ وارو موجود نه هجي، بلڪ فجر ۾ وقت شروع ٿيڻ ڪان پهريان به سمهڻ جي اجازت نه ٿي ٿي سگهي جڏهن ته اڪثر حصّو رات جو جاڳڻ ۾ گذريو ۽ غالب گمان آهي ته هاڻي ستو ته وقت تي اک نه کلندي. (بهارشريعت ج 1 ص 701)

## رات دير تائين جاڳڻ

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** نعت خواني، ذڪر و فڪر جي محفلن گڏوگڏ سنّتن ڀريي اِجتماعن وغيره ۾ رات دير تائين جاڳڻ کان

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللہُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي- (ابو يعلٰي)

پوءِ سمهڻ جي سبب جيڪڏهن فجر جي نماز قضا ٿيڻ جو انديشو هجي تہ اِعتِڪاف جي نيّت سان مسجد ۾ قِيام ڪريو يا اتي سمهو جتي ڪو پروسي جوڳو اسلامي ڀاءُ جاڳائڻ لاءِ موجود هجي يا الارم وارو گهڙيال هجي، جنهن سان اک کلي ويندي هجي پر صرف هڪ عدد گهڙيال تي پروسو نہ ڪيو وڃي جو ننڊ ۾ هٿ لڳي وڃڻ سان يا ايئن ئي خراب ٿي ڪري بند ٿي وڃڻ جو اِمڪان رهندو آهي، بہ يا ضرورت مطابق وڌيڪ گهڙيال هجن تہ بهتر آهي.

فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلام فرمائن ٿا: **”جڏهن اهو انديشو هجي تہ صبح جي نماز نڪري ويندي تہ بنا شرعِي ضرورت جي ان کي رات دير تائين جاڳڻ منع آهي.“** (ردالمحتار ج 2 ص 33)

## اَدا، قَضاءِ واجبُ الاِعَادَه جي وضاحت

**جنهن** شيءِ جو ماڻهن کي حُڪم آهي، ان کي وقت جي اندر بجا آڻڻ کي **ادا** چوندا آهن ۽ وقت ختم ٿيڻ کانپوءِ عمل ڪرڻ **قضا** آهي ۽ جيڪڏهن ان حڪم کي بجا آڻڻ ۾ ڪا خرابي پيدا ٿي وڃي تہ ان خرابي کي دور ڪرڻ لاءِ اهو عمل ٻيهر بجا آڻڻ کي **اِعاده** چيووڃيندو آهي. وقت جي اندر اندر جيڪڏهن تڪبيرِ تحريمہ چئي ڇڏي تہ نماز قضا نہ ٿي، بلڪ ادا آهي. (درمختار ج 2 ص 627، 632) پر فجر جي نماز، جُمعي ۽ عيدن ۾ وقت جي اندر سلام ڦيرڻ لازمي آهي نہ تہ نماز نہ ٿيندي. (بهارشريعت ج 1 ص 701) بنا ڪنهن شرعِي عُذر جي نماز قضا ڪرڻ سخت گناهہ آهي. ان تي فرض آهي تہ ان جي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو- (طبراني)

قضا پڙهي ۽ سچي دل سان توبہ بہ ڪري. توبہ يا مَقبُول حج سان اِنْ شَآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ تاخير جو گناهه معاف ٿي ويندو. (درمختار ج 2 ص 626) توبہ ان وقت ئي صحيح آهي جڏهن قضا پڙهي وٺي، ان کي ادا ڪرڻ کان بغير توبہ ڪندو رهڻ توبہ ناهي ڇو تہ جيڪا نماز ان جي ذِمي هئي ان کي نہ پڙهڻ تہ اجا بہ باقي آهي ۽ جڏهن گناهه کان نہ رڪيو تہ توبہ ڪٿان ٿي؟ (ردالمحتار ج 2 ص 627)

حضرت سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کان روايت آهي تہ تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، پيڪر جُودو سخاوت، سَراپا رَحمت صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: گناهه تي قائم رهي ڪري توبهہ ڪرڻ وارو پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان ٺٺول (يعني مذاق) ڪرڻ واري جيان آهي. (شعب الايمان ج 5 ص 436 رقم الحديث 7178)

## توبهہ جا ٽي رڪن آهن

صَدۡرُالافاضل حضرت علاّمہ سَيِّد محمد نعيم الدّين مراد آبادي عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ اللّٰهِ الۡهَادِي فرمائن ٿا: توبهہ جا ٽي رڪن آهن ﴿1﴾ گناهه جو اِقرار ﴿2﴾ پشيماني ﴿3﴾ ڇڏي ڏيڻ جو پڪو ارادو. جيڪڏهن گناهه تلافي جي قابل آهي تہ ان جي تلافي بہ لازمي آهي، مثلاً بي نمازي جي توبهہ لاءِ نمازن جي قضا بہ لازم آهي. (خزائن العرفان ص 12)

## سُتل کي نماز جي لاءِ جاڳائڻ واجب آهي

ڪو ستل آهي يا نماز پڙهڻ وسري وئي آهي تہ جنهن کي معلوم آهي ان تي واجب آهي تہ ستل کي جاڳائي ۽ وساري ڇڏڻ

**فرمان مُصطفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي ان تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

واري کي ياد ڏياري. (نه ته گناهگار ٿيندو) (بهارشريعت ج 1 ص 701)
ياد رهي! جاڳائڻ يا ياد ڏيارڻ ان وقت واجب ٿيندو جڏهن اهو گمان غالب هجي ته هي نماز پڙهندو، ٻي صورت ۾ واجب ناهي.

## فجر جو وقت ٿي ويو اٿو!

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** خوب صداءِ مدينه لڳايو يعني سُتلن کي نماز جي لاءِ جاڳايو ۽ بيشمار نيڪيون ڪمايو. دعوت اسلامي جي مدني ماحول ۾ فجر جي لاءِ مسلمانن کي جاڳائڻ کي صداءِ مدينه لڳائڻ چيو ويندو آهي. صداءِ مدينه واجب ناهي. فجر جي نماز جي لاءِ جاڳائڻ ثواب جو ڪم آهي جيڪو هر مسلمان کي موقعي مطابق ڪرڻ گهرجي. صداءِ مدينه لڳائڻ ۾ هن ڳالهه جو احتياط ضروري آهي ته ڪنهن مسلمان کي تڪليف نه ٿئي.

## حڪايت

هڪ اسلامي ڀاءُ مون (سگِ مدينه عُفِيَ عَنۡهُ) کي ٻڌايو ته اسان ڪجهه اسلامي ڀائر **ميگافون** تي فجر جي وقت **صداءِ مدينه** لڳائيندي هڪ گهٽي کان گذرياسين ته هڪ شخص اسان کي ٽوڪيندي چوڻ لڳو ته منهنجو پٽ سڄي رات ناهي ستو، هن مهل ان کي آرام آيو آهي، توهان **ميگا فون** بند ڪريو. اسان کي ان شخص تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي ته هي ڪهڙو مسلمان آهي جو اسان مسلمانن کي نماز جي لاءِ جاڳائي رهيا آهيون ۽ هي ان نيڪ ڪم ۾ رڪاوٽ وجهي رهيو آهي. خير ٻئي ڏينهن اسان وري صداءِ مدينه لڳائيندي ان

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي ڏهہ ڀيرا صبح ۽ ڏهہ ڀيرا شام درودِ پاڪ پڙهيو ان کي قيامت جي ڏينهن منهنجي شفاعت ملندي. (مجمع الزوائد)

طرف نڪري وياسين تہ اهو ئي شخص اڳئي گهٽي جي موڙ وٽ ڏاڍو ڪاوڙيل بيٺو هو ۽ اسان کي چوڻ لڳو تہ اڄ بہ منهنجو پُٽ سڄي رات ناهي سُتو، هينئر ان کي ننڊ آئي آهي ان لاءِ ئي مان بيٺو هوس تہ جيئن اوهان کي گهٽي مان خاموشي سان گذرڻ جي درخواست ڪريان. هن مان معلوم ٿيو تہ بغير ميگا فون جي صَداءِ مدينہ لڳائي وڃي ۽ بغير **ميگافون** جي بہ ايترو بلند آواز نہ ڪيو وڃي جنهن سان گهرن ۾ نماز ۽ تلاوت ۾ مشغول اسلامي ڀينرن، پوڙهن، مريضن ۽ ٻارن کي پريشاني ٿئي، يا جيڪو اوّل وقت ۾ نماز پڙهي سمهي پيو هجي يا سمهي پئي هجي، ان جي ننڊ ۾ خَلَل پوي، جيڪڏهن ڪو مسلمان پنهنجي گهر جي پرسان صداءِ مدينہ لڳائڻ کان روڪي تہ ان سان ضد ۽ بحث ڪرڻ بدران ان کان معافي گهري وڃي ۽ ان جي باري ۾ سنو گمان رکيو وڃي جو يقينًا ڪو مسلمان نماز جي لاءِ جاڳائڻ جو مخالف نہ ٿو ٿي سگهي، هن ويچاري جي ڪا مجبوري هوندي. فرض ڪريو، جيڪڏهن هو بي نمازي بہ هجي تڏهن بہ توهان کي ان تي سختي ڪرڻ جو اختيار ناهي، ڪنهن مناسب وقت ۾ انتهائي نرمي سان انفرادي ڪوشش جي ذريعي ان کي نماز جي لاءِ راضي ڪيو. مسجدن ۾ بہ فجر جي اذان کان علاوه بنا ڪنهن موقعي جي ۽ پاڙي يا گهرن اندر محفلن ۾ اسپيڪر استعمال ڪرڻ وارن کي بہ پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ عبادت ڪرڻ وارن، مريضن، ڪير پياڪ ٻارڙن ۽ ستلن جي تڪليف کي پيش نظر رکڻ گهرجي.

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰے صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن ڪتاب ۾ مون تي درودِ پاڪ لکيو ته جيستائين منهنجو نالو ان ڪتاب ۾ لکيل رهندو فرشتا ان جي لاءِ استغفار ڪندا رهندا. (طبراني)

## حُقُوق عام جي اِحساس بابت حِڪايت

**عام حقن جو** خيال رکڻ تمام ضروري آهي. اسان جا بُزُرگَ هن معاملي ۾ تمام احتياط ڪندا هئا. حُجَّةُ الاِسلام امام محمّد بن محمّد بن محمّد غزالي عَلَيْهِ رَحْمَةُ اللهِ الْوَالِي فرمائن ٿا: حضرت سَيِّدُنا امام احمد بن حَنْبل رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه جي خدمت ۾ هڪ شخص ڪافي سالن ڪان وني حاضر ٿيندو رهندو هو ۽ عِلم حاصل ڪندو رهندو هو. هڪ پيري جڏهن اهو آيو ته پاڻ رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه ان ڪان منهن ڦيري ڇڏيو. ان جي اِصرار ڪندي پڇڻ تي فرمايائون: تو پنهنجي گهر جي پِٽ جي رستي واري ڪنڌ تي گارو هٽي انساني قد برابر ان کي اڳتي وڌايو آهي حالانڪ اهو مسلمانن جي گذرڻ جو رستو آهي يعني مان توکان ڪيئن خوش ٿيان جو تو مسلمانن جو رستو سوڙهو ڪري ڇڏيو آهي. (احياء العلوم ج 5 ص 96) هن حڪايت مان اهي ماڻهو عِبرت حاصل ڪن، جيڪي پنهنجي گهرن جي ٻاهران چَبوترا (ٿلها) وغيره ناهي، مسلمانن جو رستو سوڙهو ڪندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلٰى مُحَمَّد

## جلد کان جلد قضا پڙهي ڇڏيو

**جن جي** ذِمّي قضا نمازون هجن، انهن کي جلد کان جلد پڙهڻ واجب آهي پر ٻارن ٻچن جي پرورش ۽ پنهنجي ضروريات حاصل ڪرڻ جي سبب دير ڪرڻ جائز آهي، تنهنڪري ڪاروبار به ڪندو رهي ۽ فُرصت جو جيڪو وقت ملي ته ان ۾ **قضا** پڙهندو رهي

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون تي جمعه جي ڏينهن درود شريف پڙهندو قيامت جي ڏينهن مان ان جي شفاعت ڪندس. (ڪنزالعمال)

ايتري تائين جو پوريون ٿي وڃن. (درمختار ج 2 ص 646)

## قضا نماز لِڪي پڙهو

**قضا** نمازون لِڪي پڙهو. ماڻهن جي آڏو (يا گهروارن بلڪ قريبي دوستن جي آڏو به) ان جو اِظهار نه ڪريو (مثلاً هي نه چئو ته منهنجي اڄ فجر جي نماز قضا ٿي وئي آهي يا مان قضا عمري ڪري رهيو آهيان وغيره) ڇو ته **گناه جو اظهار به مڪروه تحريمي ۽ گناه آهي**. (ردالمحتار ج 2 ص 650) تنهن ڪري جيڪڏهن ماڻهن جي موجودگيءَ ۾ وتر جي قضا پڙهو ته دعاءِ قُنُوت واري تڪبير لاءِ هٿ نه کڻو.

## جُمعةُ الوَداع ۾ قضا عُمري

رمضان المبارڪ جي آخري جُمعي ۾ ڪي ماڻهو باجماعت قضا عمري پڙهندا آهن ۽ هي سمجهندا آهن ته سڄي عمر جون قضا نمازون انهيءَ هڪ ئي نماز سان ادا ٿي ويون، اهو بلڪل غلط آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 708)

## سڄي عمر جي قضا جو حساب

**جنهن** شخص ڪڏهن نمازون ئي نه پڙهيون هجن ۽ بعد ۾ توفيق ملي آهي ۽ قضا عمري ڪرڻ چاهي ٿو ته هو جڏهن کان وٽي بالغ ٿيو آهي، ان وقت کان وٺي نمازن جو حساب لڳائي، بالغ ٿيڻ جي تاريخ به معلوم ناهي ته اِحتياط انهيءَ ۾ آهي ته هجري سن جي لحاظ کان عورت نَو سالن جي عمر کان ۽ مرد ٻارهن سالن جي عمر کان نمازن جو حساب لڳائي.

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن جمعه جي ڏينهن مون تي ٻه سؤ ڀيرا درودِ پاڪ پڙهيو ان جا ٻه سؤ سالن جا گناهه معاف ٿيندا. (ڪنزالعمال)

## قَضا پڙهڻ ۾ ترتيب

**قضاءِ عُمري** ۾ هيئن به ڪري سگهو ٿا ته پهريان فجر جون سموريون نمازون، پوءِ ظهر جون سموريون نمازون، اهڙي طرح عصر، مغرب ۽ عشاء جون سموريون نمازون ادا ڪريو.

## قضا عُمري جو طريقو (حنفي)

**قضا** هرهڪ ڏينهن جون ويهه رڪعتون آهن ٻه فرض فجر جا، چار ظهر، چار عصر، ٽي مغرب، چار عشاء ۽ ٽي وِتر. نيّت هيئن ڪريو مثلاً سڀ کان "**پهرين فجر جي نماز جيڪا مون کان قضا ٿي ان کي ادا ڪريان ٿو.**" هر نماز ۾ اهڙي طرح نيّت ڪريو، جنهن تي تمام گهڻيون قضا نمازون آهن اهو آساني لاءِ جيڪڏهن هيئن به ادا ڪري ته جائز آهي جو هر رڪوع ۽ هر سجدي ۾ ٽي ٽي ڀيرا سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡعَظِيۡم ۽ سُبۡحٰنَ رَبِّیَ الۡاَعۡلٰی جي بدران صرف هڪ هڪ ڀيرو پڙهي پر هي هميشه ۽ هر طرح جي نماز ۾ ياد رکڻ گهرجي ته جڏهن رڪوع ۾ پورو پهچي وڃي ته ان وقت سُبحٰن جو "سين" شروع ڪري ۽ جڏهن عظيم جو "ميم" ختم ڪري ته ان وقت رُڪوع مان مٿو مٿي کڻي، ايئن ئي سجدي ۾ به ڪري، هڪ تَخفِيف (يعني ڪمي) ته اها ٿي ۽ ٻي تخفيف هي آهي ته فرضن جي ٽين ۽ چوٿين رڪعت ۾ **اَلۡحَمۡد** شريف جي بدران فقط "سُبۡحٰنَ اللهِ" ٽي ڀيرا پڙهي ڪري رڪوع ڪري پر وتر جي ٽنهي رڪعتن ۾ الحمد شريف ۽ سورت ٻئي ضرور پڙهي. ٽين تَخفِيف هي آهي ته آخري قعدي ۾ تَشَهُّد يعني اَلتَّحِيَّات کانپوءِ ٻنهي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود شريف نہ پڙهي تہ اهو ماڻهن ۾ ڪنجوس ترين شخص آهي. (ترغيب وترهيب)

درودن ۽ دعا جي بدران صرف اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ پڙهي ڪري سلام ڦيري ڇڏي ۽ چوٿين تَخفِيف هي آهي تہ وتر جي ٽين رڪعت ۾ دعاءِ قُنُوت جي بدران اَللّٰهُ اَ كۡبَرُ چئي ڪري فقط هڪ ڀيرو يا ٽي ڀيرا رَبِّ اغۡفِرۡلِيۡ پڙهي. (ملخص از فتاوٰي رضويہ ج 8 ص 157) ياد رکو! هن طرح جي تخفيف (يعني ڪمي) جي هرگز عادت نہ ٺاهيو، باقي ٻيون نمازون سنّت مطابق ئي پڙهو ۽ انهن ۾ فرائض ۽ واجبات سان گڏوگڏ سنّتن، مستحبات ۽ آداب جي بہ پابندي ڪريو.

## قَصر نَمازِ جي قَضا

**جيڪڏهن** سفر جي دوران ٿيل قضا نماز اقامت جي حالت (يعني پنهنجي شهر) ۾ پڙهندو تہ قَصر ئي پڙهڻي پوندي ۽ اقامت جي حالت جي قضا نماز سفر ۾ پڙهندو تہ پوري پڙهڻي پوندي يعني قَصر نہ ڪندو. (عالمگيري ج 1 ص 121)

## مُرتَد ٿي وڃڻ واري زماني جون نمازون

**جيڪو** شخص مَعَاذَ الله عَزَّوَجَلَّ **مُرتَد** ٿي ويو وري ٻيهر اسلام آندائين تہ مرتد ٿيڻ واري زماني جي نمازن جي قضا ناهي ۽ مرتد ٿيڻ کان اڳ اسلام جي زماني ۾ جيڪي نمازون رهيل هيون انهن جي قضا واجب آهي. (ردالمحتار ج 2 ص 647)

## ٻار جي پيدائش جي وقت نماز

**دائي** (Nurse / Mid wife) نرس نماز پڙهندي تہ ٻار جي مري وڃڻ جو انديشو آهي تہ (نماز قضا ڪري) نماز قضا ڪرڻ لاءِ اهو عذر

**فرمانِ مُصطَفٰي** صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **ان شخص جو نڪ متيءِ ۾ ملي وڃي جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي دُرُودِ پاڪ نه پڙهي.** (حاڪم)

آهي. ٻار جو مٿو ٻاهر اچي ويو ۽ نفاس کان اڳ ۾ وقت ختم ٿي ويو ته ان حالت ۾ به ان جي ماءُ تي نماز پڙهڻ فرض آهي نه پڙهندي ته گنهگار ٿيندي. ڪنهن ٿانو ۾ ٻار جو مٿو رکي ڪري جنهن سان ان کي نقصان نه پهچي نماز پڙهي پر ان ترڪيب سان پڙهڻ ۾ ٻار جي مري وڃڻ جو انديشو هجي ته تاخير (يعني دير سان پڙهڻ) معاف آهي، نِفاس کان پوءِ نماز جي قضا پڙهي. (ردالمحتار ج 2 ص 627)

## مريض کي نماز ڪڏهن معاف آهي؟

**اهڙو** مريض جيڪو اشاري سان به نماز نه ٿو پڙهي سگهي جيڪڏهن اها حالت پورا ڇهه وقت رهي ته ان حالت ۾ جيڪي نمازون رهجي ويون انهن جي قضا واجب ناهي. (عالمگيري ج 1 ص 121)

## سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهڻ

**جنهن** جي نمازن ۾ ڪا خرابي يا ڪراهت اچي وئي هجي، اهو سڄي عمر جون نمازون ٻيهر پڙهي ته سني ڳالهه آهي ۽ ڪا خرابي نه هجي ته موٽائڻ نه گهرجي ۽ جيڪڏهن پڙهڻ چاهي ته فجر ۽ عصر کان پوءِ نه پڙهي ۽ سموريون رڪعتون مڪمل پڙهي (تخفيف نه ڪري) ۽ وتر ۾ دُعاءِ قُنُوت پڙهي. ٽين کان پوءِ قعدو ڪري وري هڪ ٻي ملائي جو چار ٿي وڃن. (عالمگيري ج 1 ص 124)

## ”قضا“ جو لفظ چوڻ وسري وڃي ته؟

**اعلٰي حضرت** امام اهلسنّت مولانا شاهه امام احمد رضا خان عَلَيۡهِ رَحۡمَةُ الرَّحۡمٰن فرمائن ٿا: ”اسان جا علماء وضاحت ڪن ٿا ته قضا

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي دُرُود شريف نه پڙهيو ان جفا ڪئي. (عبدالرزاق)

(نماز) ادا جي نيّت سان ۽ ادا (نماز) قضا جي نيّت سان ٿئي صحيح آهن.“ (فتاوٰي رضويه ج 8 ص 161)

## قضا نمازون نفل ادا ڪرڻ کان بهتر

”فتاوٰی شامي“ ۾ آهي: قضا نمازون نفلن جي ادائگي کان بهتر ۽ اهم آهن پر سنّت مؤڪَّده، نماز چاشت، **صلٰوةُ التّسبيح** ۽ اهي نمازون جن جي باري ۾ احاديث مبارڪ وارد ٿيل آهن يعني جئين تحية المسجد، عصر جون پهريون چار رڪعتون (سنّت غير مؤڪَّده) ۽ مغرب کان پوءِ ڇهه رڪعتون پڙهيون وينديون. (ردالمحتار ج 2 ص 646) ياد رهي! قضا نماز جي لحاظ کان سنّت مؤڪَّده ڇڏڻ جائز ناهي. البت سنّت غير مؤڪَّده ۽ حديثن ۾ بيان ڪيل مخصوص نوافل پڙهي ته ثواب جو حقدار آهي پر انهن کي نه پڙهڻ ڪو گناهه ناهي، چاهي ان جي ذمي قضا نماز هجي يا نه هجي.

## فَجُر ۽ عَصُر کان پوءِ نفل نـه ٿا پڙهي سگهجن

**فجر** ۽ عصر جي نماز کان پوءِ اهي تمام نفل ادا ڪرڻ مڪروهه (تحريمي) آهن جيڪي قصدًا (يعني ڄاڻي واڻي) هجن، چاهي ڇو نه تَحِيَةُ المَسجِد جا نفل هجن ۽ هر اها نماز جيڪا ٻئي سبب جي ڪري لازم ٿي هجي مثلاً نذر ۽ طواف جا نفل ۽ هر اها نماز جنهن کي شروع ڪيو پوءِ ان کي ٽوڙي ڇڏيو، جيتوڻيڪ اهي فجر ۽ عصر جون سنّتون ئي ڇو نه هجن. (درمختار ج 2 ص 44، 45)

**قضا** جي لاءِ ڪو وقت مقرر ناهي، عمر ۾ جڏهن به پڙهندو بَري ٿي ويندو، پر سج اڀرڻ ۽ لهڻ ۽ زوال جي وقت نماز نه ٿو

فرمانِ مُصطفٰے صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن وٽ منهنجو ذڪر ٿئي ۽ ان مون تي دُرُودِ پاڪ نه پڙهيو تحقيق اهو بدبخت ٿي ويو. (ابن سني)

پڙهي سگهي جو انهن ٽنهي وقتن ۾ نماز جائز نه آهي.
(بهار شريعت ج 1 ص 702، عالمگيري ج 1 ص 52)

## ظهر جون چار سنتون رهجي وڃن ته ڇا ڪري؟

**جيڪڏهن** ظهر جو فرض پهريان پڙهي ورتو ته ٻه رڪعتون سُنّتِ بَعدِيَّه (يعني بعد واريون سنّتون) ادا ڪرڻ کان پوءِ چار رڪعتون سنَّت قَبلِيَّه (يعني پهريون سنّتون) ادا ڪريو. سرڪار اعلٰي حضرت رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه فرمائن ٿا: ظهر جون پهريون چار سنّتون جيڪي فرض کان اڳ ۾ نه پڙهيون هجن ته (اهي) فرض کان بعد بلڪ اَرجَح (پسنديده ترين) مذهب مطابق بعد وارين سنَّتُن کان پوءِ پڙهجن پر شرط اهو آهي ته ظهر جو وقت اڃا باقي هجي.
(فتاوٰي رضويه ج 8 ص 148)

## فجر جون سنتون رهجي وڃن ته ڇا ڪجي؟

**سنّتون** پڙهڻ سان جيڪڏهن فجر جي جماعت نڪري وڃڻ جو انديشو هجي ته بنا پڙهڻ جي شامل ٿي وڃي، پر سلام ڦيرڻ کان پوءِ پڙهڻ جائز ناهي، سج ايرڻ جي گهٽ ۾ گهٽ ويهه مِنٽن بعد کان وٺي ضحوهء ڪُبريٰ تائين پڙهي وٺي جو (اهو) مُستَحَب آهي، ان کان پوءِ مستحب ناهي.

## ڇا مغرب جو وقت ٿورو هوندو آهي؟

**مغرب** (سانجهي) جي نماز جو وقت سج لهڻ کان وٺي عشاء جي وقت شروع ٿيڻ تائين هوندو آهي. اهو وقت جڳهن ۽ تاريخن جي

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي اَن تي ڏهه رحمتون موڪليندو آهي. (مسلم)

اعتبار کان گهٽجندو وڌندو رهندو آهي، مثلاً باب المدينه ڪراچي ۾ نِظامُ الاَوقات جي نقشي جي مطابق مغرب جو وقت گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ 18 منٽ هوندو آهي. فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلَام فرمائن ٿا: جنهن ڏينهن جُهڙ هجي ان ڏينهن کانسواءِ مغرب ۾ هميشه تَعجِيل (يعني جلدي ڪرڻ) مُستَحَب آهي ۽ ٻن رڪعتن کان وڌيڪ دير مَڪرُوه تَنزِيهي آهي. سفر ۽ بيماري جي عُذر کان سواءِ ايتري دير ڪيائين جو تارا ظاهر ٿي ويا ته مڪروهه تحريمي آهي. (بهار شريعت ج 1 ص 453) سرڪار اعلٰي حضرت، امام اهلسنّت مولانا شاه احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن فرمائن ٿا: هن (يعني مغرب) جو مُستَحَب وقت ايستائين آهي جيستائين تارا خوب ظاهر نه ٿي وڃن ايتري دير ڪرڻ جو (وڏن وڏن تارن کان علاوه) ننڍڙا ننڍڙا تارا به ظاهر ٿين ته مڪروه آهي. (فتاوٰي رضويه ج 5 ص 153)

عصر ۽ عشاء جي فرض نماز کان اڳ ۾ جيڪي رڪعتون آهن، اُهي سنّت غير مؤڪَّده آهن، انهن جي قضا ناهي.

## تراويح جي قضا جو ڇا حُڪم آهي؟

جڏهن تراويحون رهجي وڃن ته انهن جي قضا ناهي، نه جماعت سان نه اڪيلو ۽ جيڪڏهن ڪو قضا ڪري به ڇڏي ته ته اهي الڳ نفل ٿي ويندا، تراويحن سان انهن جو تعلق نه هوندو.

(تنوير الابصار، درمختار ج 2 ص 598)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

# نماز جو فديو

## جن جا مائٽ فوت ٿي ويا هجن اهي هن مضمون جو ضرور مطالعو ڪن

**مَيِّت** جي عمر معلوم ڪري، ان مان نو سال عورت لاءِ ۽ ٻارهن سال مرد جي لاءِ نابالغي جا ڪڍو، پوءِ باقي جيترا سال بچيا انهن ۾ حساب لڳايو ته ڪيتري عرصي تائين اهو (يعني مرحوم) بي نمازي يا بي روزائتو رهيو يا ڪيتريون قضا نمازون يا روزا ان جي ذمي باقي آهن، وڌ ۾ وڌ اندازو لڳايو، بلڪ چاهيو ته نابالغي جي عمر ڪان پوءِ باقي سڄي عمر جو حساب لڳايو، پوءِ في نماز هڪ هڪ فِطرو خيرات ڪري ڇڏيو. هڪ فطري جو مقدار تقريباً 2 ڪلو مان 80 گرام گهٽ ڪڻڪ يا اُن جو اٽو يا اُن جا پيسا آهن ۽ هڪ ڏينهن جون ڇهه نمازون آهن، پنج فرض ۽ هڪ وتر واجب، مثلاً 2 ڪلو 80 گرام گهٽ، ڪڻڪ جا پيسا 12 روپيا ٿيا ته هڪ ڏينهن جي نمازن جا 72 روپيا ٿيا ۽ 30 ڏينهن جا 2160 روپيا ۽ ٻارهن مهينن جا تقريباً 25920 روپيا ٿيا. هاڻي ڪنهن ميّت تي 50 سالن جون نمازون باقي آهن ته فديو ادا ڪرڻ جي لاءِ 1296000 روپيا خيرات ڪرڻا پوندا. ظاهر آهي ته هر ماڻهو ايترا پيسا خيرات ڪرڻ جي طاقت نه ٿو رکي، ان لاءِ علماءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللّٰهُ السَّلَام شرعِي حِيلو ارشاد فرمايو آهي مثلاً هو 30 ڏينهن جي تمام نمازن جي فديي جي نيّت سان 2160 روپيا ڪنهن فقير (فقير ۽ مسڪين جي تعريف ص 24 تي ملاحظه فرمايو) جي مِلڪ ڪري (يعني فقيرڪي مالڪ ڪري ڇڏي) هي 30 ڏينهن جي نمازن جو فديو ادا ٿي ويو،

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڙهو الله تعالٰي توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

هاڻي اهو فقير اهي پيسا ڏيندڙ کي ئي هِبہ ڪري ڇڏي (يعني تحفي ۾ ڏئي ڇڏي) هو هٿ ۾ ڪرڻ کان پوءِ وري فقير کي 30 ڏينهن جي نمازن جي فديي جي نيّت سان قبضي ۾ ڏئي ان کي مالڪ بڻائي. اهڙي طرح ڏي وٺ ڪندا رهن ۽ ائين سمورين نمازن جو فديو ادا ٿي ويندو. 30 ڏينهن جي پيسن جي ذريعي ئي حِيلو ڪرڻ شرط ناهي اهو تہ سمجهائڻ لاءِ مثال ڏنو آهي. جيڪڏهن بِالّفرض 50 سالن جي فديي جا پيسا موجود هجن تہ هڪ ئي ڀيري ڏي وٺ ڪرڻ سان ڪم ٿي ويندو. ڳڏوڳڏ فِطري جي پيسن جو حساب بہ ڪٽڪ جي موجوده اگهہ سان لڳائڻو پوندو. اهڙي طرح في روزي جو بہ فديو هڪ فِطرو آهي. نمازن جو فديو ادا ڪرڻ کانپوءِ روزن جو بہ انهيءَ طريقي سان فديو ادا ڪري سگهو ٿا. غريب ۽ امير سڀئي فديي جو حيلو ڪري سگهن ٿا، جيڪڏهن وارث پنهنجي مرحومن جي لاءِ اهو عمل ڪن تہ هي ميّت جي زبردست امداد ٿيندي. اهڙي طرح مرڻ وارو بہ اِنۡ شَآءَاللهُ عَزَّوَجَلَّ فرضن جي بار کان آجو ٿيندو ۽ وارث بہ اَجُر ۽ ثواب جا حقدار ٿيندا. ڪجهہ ماڻهو مسجد وغيره ۾ هڪ قرآن پاڪ جو نسخو ڏئي تسلّي ڪري وٺندا آهن تہ اسان مرحوم جي تمام نمازن جو فديو ادا ڪري ڇڏيو. هي سندن غلط فهمي آهي. (تفصيل لاءِ ڏسو فتاوٰي رضويہ ج 8 ص 167) ياد رکو! مرحوم جي نمازن جو فديو اولاد ۽ ڀين وارثن وانگر عام مسلمان بہ ڏئي سگهي ٿو.

(منحة الخالق علٰي بحر الرائق لابن عابدين ج 2 ص 160)

www.dawateislami.net

فرمان مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو الله تعالٰي اَن تي ڏهہ رحمتون موڪليندو آهي.** (مسلم)

## مرحوم جي فديي جو هڪ مسئلو

**جيڪڏهن** عورت جي حيض (ماهواري) جي عادت معلوم هجي تہ اوترا ڏينهن ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ هر مهيني مان ٽي ڏينهن، نون سالن جي عمر کان الڳ ڪريو، پر جيترا ڀيرا حمل رهيو هجي، حمل جي مدّت جي مهينن مان حيض جي ڏينهن کي الڳ نہ ڪيو، جيڪڏهن عورت جي نفاس جي عادت معلوم هجي تہ هر حمل کان پوءِ اوترا ڏينهن الڳ ڪري ۽ جيڪڏهن معلوم نہ هجي تہ ڪجهہ ناهي ڇو تہ شرعي طور تي نِفاس جي گهٽ ۾ گهٽ ڪا بہ مُدَّت مقرر ناهي، ممڪن آهي تہ هڪ ئي منٽ اچي ڪري فوراً پاڪ ٿي وڃي. (فتاوٰي رضويہ ج 8 ص 154)

## سادات ڪرام کي نماز جو فديو نہ ٿو ڏئي سگهجي

**منهنجي** آقا اعلٰي حضرت، امام اهلسنت، مولانا شاهہ امام احمد رضا خان عَلَيْهِ رَحْمَةُ الرَّحْمٰن کان **سيّد سڳورن** ۽ **غير مسلمن** کي نماز جو فديو ڏيڻ جي بابت پڇيو ويو تہ فرمايائون: هي صدقو (يعني نماز جو فديو) حضراتِ سادات ڪرام جي لائق نہ آهي ۽ هندو وغيره ڪافر ان صَدَقي جي لائق ناهي. انهن ٻنهي کي ڏيڻ جي قطعًا اجازت ناهي، نہ انهن کي ڏيڻ سان صَدَقو ادا ٿيندو. مسلمان مسڪينن، ذَوِالقُربٰي، غيرهاشمين (يعني مسلمان مسڪين رشتيدار غير هاشمين) کي ڏيڻ ٻيڻو اجر آهي. (فتاوٰي رضويہ ج 8 ص 166)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطَفٰي صَلَّى اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي. (جامع صغير)

## 100 ڪوڙن جو حِيلو

شَرعِي حِيلي جو جواز قرآن، حديث ۽ فِقهِ حنفي جي مُعتَبر ڪتابن ۾ موجود آهي. حضرت سيّدنا ايّوب عَلٰی نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بيماري جي دؤران سندن گهرواريءَ رَضِیَ اللّٰہ تَعَالٰی عَنۡهَا هڪ دفعي سندن خدمت ۾ دير سان حاضر ٿي تہ پاڻ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام قسم ڪنيو تہ مان تندرست ٿي، توهان کي سؤ دُرّا (يعني ڦٽڪا) هڻندس، تندرست ٿيڻ تي اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کين سؤ تيلن واري ٻهاري هڻڻ جو حڪم فرمايو. (نور العرفان ص 728) جيئن اللّٰه تبارڪ و تعاليٰ سيپاري 23 جي سوره ص جي آيت نمبر 44 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَ خُذۡبِيَدِكَ ضِغۡثًا فَا ضۡرِبۡ بِّهٖ وَلَا تَحۡنَثۡ ؕ (پ 23، ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻُهارو ڪٺي ان سان مار ڏيئي چڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ.

”عالمگيري“ ۾ حِيلن جو هڪ مستقل باب آهي، جنهن جو نالو ”ڪتاب الحِيَل“ آهي. عالمگيري ”ڪتابُ الحِيَل“ ۾ آهي: جيڪو حِيلو ڪنهن جو حق ڦٻائڻ يا ان ۾ شڪ پيدا ڪرڻ يا ڪوڙ سان فريب ڏيڻ لاءِ ڪيو وڃي تہ اهو مڪروه آهي ۽ جيڪو حيلو ان لاءِ ڪيو وڃي تہ جيئن ماڻهو حرام کان بچي وڃي يا حلال کي حاصل ڪري وٺي اهو صحيح آهي. ان قسم جي حيلن جي جائز هجڻ بابت اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جو هي فرمان دليل آهي:

وَ خُذۡ بِيَدِكَ ضِغۡثًا فَا ضۡرِبۡ بِّهٖ وَلَا تَحۡنَثۡ ؕ (پ 23 ص 44)

**ترجموڪنزالايمان:** ۽ اسان فرمايو تہ تون پنهنجي هٿ ۾ هڪ ٻُهارو ڪٺي ان سان مار ڏيئي چڏ ۽ قسم نہ ٽوڙ.

(فتاوٰي عالمگيري ج 6 ص 390)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: مون تي درود شريف پڑهو الله تعاليٰ توهان تي رحمت موڪليندو. (ابن عدي)

## ڪن ٽوپڻ جو رواج ڪڏهن کان پيو؟

حيلي جي جائز هجڻ بابت هڪ ٻيو دليل ملاحظ فرمايو، جيئن حضرت سيدنا عبدالله ابن عباس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا کان روايت آهي ته هڪ ڀيري حضرت سَيِّدَتُنا ساره ۽ حضرت سَيِّدَتُنا هاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهُمَا جي پاڻ ۾ ڪا اڻبڻت ٿي پئي. حضرت سيدتنا ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا قسم کنيو ته جيڪڏهن مون کي موقعو مليو ته مان هاجره (رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا) جو ڪو عُضوو ڪٽينديس. **الله** عَزَّوَجَلَّ حضرت سيّدنا جبريل عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام کي حضرت سيّدنا ابراهيم **خليلُ الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَعَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي بارگاه ۾ موڪليو ته انهن جو پاڻ ۾ ناهه ڪرائي ڇڏيو. حضرت سَيِّدَتُنَا ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا عرض ڪيو: ”مَا حِيۡلَةُ يَمِيۡنِي؟“ يعني منهنجي قسم جو ڇا حيلو ٿيندو؟ حضرت سيدنا ابراهيم **خليل الله** عَلٰى نَبِيِّنَا وَ عَلَيۡهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام تي وحي نازل ٿي ته (حضرت) ساره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا کي حڪم ڏي ته هوءَ (حضرت) هاجره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا جا ڪن ٽوپي، ان وقت کان وٺي عورتن جي ڪنن ٽوپڻ جو رواج پيو.

(غمز عيون البصائر للحموي ج 3 ص 295)

## ٻڪرين جي گوشت جو تحفو

**اُمُّ الۡمُؤۡمِنِين** حضرت سيِّدَتُنا عائِشہ صدّيقہ رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا کان روايت آهي ته ٻنهي جهانن جي سلطان، سرورِ ذيشان صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ ٻڪرين جو گوشت پيش ڪيو ويو، ڪنهن عرض ڪيو ته اهيو گوشت حضرت سَيِّدَتُنَا بَرِيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنۡهَا کي صدقو مليو هو، فرمايائون: ”هُوَ لَهَا صَدَقَةٌ وَّ لَنَا هَدِيَّةٌ“ يعني هي بَرِيره جي لاءِ صدقو هيو اسان جي لاءِ تحفو آهي. (صحيح مسلم ص 541 حديث 1075)

www.dawateislami.net

فرمانِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **جيڪو مون تي درود پاڪ پڙهڻ وساري ويٺو اهو جنّت جو رستو ڀُلجي ويو.** (طبراني)

# زڪوٰة جو شرعي حِيلو

**هن** حديثِ پاڪ مان صاف ظاهر آهي ته حضرت سيّدتنا بَرِيره رَضِيَ اللهُ تَعَالٰی عَنۡهَا جيڪي صدقي جون حقدار هيون، انهن کي صدقي طور مليل ڳئون جو گوشت جيتوڻيڪ سندن جي حق ۾ صدقو ئي هو پر قبضي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن بارگاهِ رِسالت ۾ پيش ڪيو ويو ته ان جو حڪم بدلجي ويو ۽ پوءِ اهو صدقو نه رهيو. ايئن ئي ڪو مستحق شخص زڪوٰة پنهنجي هٿ ۾ ڪرڻ کان بعد ڪنهن به ماڻهو کي تحفي ۾ ڏئي سگهي ٿو يا مسجد وغيره جي لاءِ پيش ڪري سگهي ٿو، انهيءَ مستحق شخص جو پيش ڪرڻ هاڻي زڪوٰة نه آهي، هديو يا عطيو ٿي ويو. فُقهاءِ ڪرام رَحِمَهُمُ اللهُ السَّلام زڪوٰة جو شرعي حيلو ڪرڻ جو طريقو هيئن ارشاد فرمائن ٿا: ”زڪوٰة جا پئسا مُردي جي ڪفن دَفن يا مسجد جي تعمِير ۾ نه ٿا لڳائي سگهجن ڇو ته (شرعي) فقِير جي تَملِيڪ (يعني فقير کي پئسن جو مالڪ بڻائڻ واري صورت) موجود ناهي، جيڪڏهن هنن ڪمن ۾ خرچ ڪرڻ چاهيو ته ان جو طريقو هي آهي ته فقير کي (زڪوٰة جي پئسن جو) مالڪ بڻائي ڇڏيو ۽ اهو (مسجد جي تعمير وغيره ۾) لڳائي، اهڙي طرح ٻنهي کي ثواب ملندو.

(بهارِشريعت ج 1 ص 890)

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان! ته ڪفن دفن بلڪ مسجد جي تعمير ۾ به **شرعِي حيلي** جي ذريعي زڪوٰة استعمال ڪري سگهجي ٿي، ڇو ته زڪوٰة ته فقير جي حق ۾ هئي، جڏهن فقير

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **توهان جتي بہ هجو مون تي درود پاڪ پڙهو توهان جو درود مون تائين پهچي ويندو آهي.** (طبراني)

قبضو ڪيو تہ هاڻي اهو مالڪ ٿي چڪو، جيڪو چاهي ڪري. **شرعي حيلي** جي برڪت سان ڏيڻ واري جي زڪوٰة بہ ادا ٿي وئي ۽ فقير بہ مسجد ۾ ڏئي ثواب جو حقدار ٿي ويو. شرعي فقير ڪي حيلي جو مسئلو پلي سمجهائي ڇڏجي.

## فقير ڇا کي چوندا آهن؟

**فقير** اهو آهي ۞ جنهن وٽ ڪجهہ هجي، پر ايترو نہ هجي جو نصاب تائين پهچي ۞ يا نصاب جيترو تہ آهي پر ان جي حاجتِ اَصليہ (يعني زندگي جي ضرورتن) ۾ گهيريل آهي مثال طور رهائش واري جڳهہ، گهريلو سامان، سواري جا جانور (يا سائيڪل، اسڪوٽر يا ڪار) ڪاريگرن جا اوزار، پائڻ جا ڪپڙا، خدمت لاءِ ٻانهي ۽ غلام، علمي شغل رکڻ واري لاءِ اسلامي ڪتاب جيڪي ان جي ضرورت کان وڌيڪ نہ هجن ۞ اهڙي طرح جيڪڏهن قرضي آهي ۽ قرض ڏيڻ کان بعد نصاب باقي نہ ٿو بچي تہ اهو **فقير** آهي جيتوڻيڪ ان وٽ هڪ نہ ٻلڪ ڪيترائي نصاب ڇو نہ هجن. (ردالمحتار ج 3 ص 333، بهار شريعت ج 1 ص 924)

## مسڪين ڇا کي چوندا آهن؟

**مسڪين** اهو آهي جنهن وٽ ڪجهہ بہ نہ هجي، ايستائين جو کائڻ ۽ جسم ڍڪڻ لاءِ ان جو محتاج هجي جو ماڻهن کان سوال ڪري ۽ ان کي سوال ڪرڻ جائز آهي. فقير (يعني جنهن وٽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڏينهن جي کائڻ ۽ پائڻ لاءِ موجود هجي ان) **کي بنا ضرورت ۽ مجبوري جي سوال ڪرڻ حرام آهي.**

(فتاوٰي عالمگيري ج 1 ص 187، 188، بهارشريعت ج 1 ص 924)

www.dawateislami.net

**فرمانِ مُصطفٰي** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ هي توهان جي لاءِ طهارت آهي.** **(ابو يعلٰي)**

**مٺا مٺا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو ته جيڪي پينو فقير ڪمائڻ جي طاقت رکڻ باوجود بغير ضرورت ۽ مجبوري جي ڌنڌي جي طور تي پنندا آهن اهي گنهگار آهن ۽ جيڪو اهڙن جي حال کان باخبر هجي ته ان اهو جائز ناهي ته انهن کي ڏئي.

**هي رسالو پڙهي ڪري ٻين کي ڏيو**

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيره ۾ مڪتبة المدينہ تان شايع ٿيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو گراهڪن کي ثواب جي نيّت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنهنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو اخبار جي هاڪر يا ٻارن جي ذريعي پنهنجي پاڙي جي گهر گهر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پهچائي نيڪيءَ جي دعوت جون ڌومون مچايو.

طالب غم مدينہ
بقيع ومغفرت و
بي حساب
جنت الفردوس
۾ آقا جو پاڙو



پهرين محرم الحرام 1435هـ
**06-11-2013**

# ماخذ و مراجع

| ڪتاب جو نالو | مطبوعہ | ڪتاب جو نالو | مطبوعہ |
|---|---|---|---|
| قرآن مجيد | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | ڪتاب الڪبائر | پشاور |
| خزائن العرفان | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي | تنوير الابصار | دار المعرفة بيروت |
| نور العرفان | پير ڀائي ڪمپني مرڪز الاولياء لاهور | درمختار و ردالمحتار | دار المعرفة بيروت |
| بخاري | دار الڪتب العلمية بيروت | منحة الخالق علي البحر الرائق | ڪوئٽه |
| مسلم | دار ابن حزم بيروت | فتاويٰ عالمگيري | دارالفڪر بيروت |
| شعب الايمان | دار الڪتب العلمية بيروت | غمز عيون البصائر | باب المدينه ڪراچي |
| الجامع الصغير | دار الڪتب العلمية بيروت | فتاويٰ رضويه | رضا فائونڊيشن مرڪز الاولياء لاهور |
| احياء العلوم | دار صادر بيروت | بهار شريعت | مڪتبة المدينه باب المدينه ڪراچي |

www.dawateislami.net


اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# ٿلها نانگ

روايت ۾ آهي: قيامت جي ڏينهن سڀ کان پهريان نماز ڇڏڻ وارن جا چهرا ڪارا ٿيندا ۽ جهنم ۾ هڪ وادي آهي جنهن کي لَمْلَمْ چيو ويندو آهي ان ۾ اُٺ جي ڪنڌ جهڙا ٿلها ٿلها نانگ آهن، هر نانگ جي لمبائي هڪ مهيني جي مسافت جي برابر آهي، جڏهن اهو نانگ نماز نہ پڙهڻ وارن کي ڏنگيندو تہ ان جو زهر ان جي جسم ۾ 70 سالن تائين ٻرڪندو رهندو-

(الزواجر ج 1 ص 296)









عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي
باب المدينہ ڪراچي فون نمبر : UAN: +923 111 25 26 92 Ext:1262